SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1980

سنڌ مقامي حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 1980

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINCNACE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1979 جي دفعه 51 ۾ ترميم.

Amendment of section 51 of Sindh Ordinance XII OF 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 1980
SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1980
سنڌ مقامي حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس، 1980
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (THIRD AMENDMENT) ORDINCNACE, 1980

[22 نومبر 1980]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري 5 جولائي 1977 جي حڪم براءِ (قانون لاڳو ٿيڻ جي تسلسل) جي حڪم 1977 جي تعميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هي آرڊيننس ٺاهي نافذ ڪرڻ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مقامي حڪومت (ٽئين ترميم) آرڊيننس 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس XII مجريہ 1979 جي دفعہ 51 ۾ ترميم.
Amendment of section 51 of Sindh Ordinance XII OF 1979

2. سنڌ مقامي حڪومت آرڊيننس 1979 جي دفعہ 51 جي ذيلي دفعہ (2) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان (PROVISO) جو واڌارو ٿيندو.

"بشرطيڪ اهو اجلاس جنهن ۾ ميئر يا چيئرمين يا ڊپٽي ميئر، يا وائيس چيئرمين جي خلاف تحريڪ عدم اعتماد پيش هجي يا انهن عهدن جي حوالي سان چونڊن بابت معاملا هجن، ان جي صدارت مقرر ڪيل ماڻهو يا آفيسر ئي ڪندو."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.